نوشهرو فيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) ڊسٽرڪٽ نيشنل پريس ڪلب رجسٽر نوشهروفيروز جي نئين آفيس جو افتتاح ايم پي اي ممتاز علي چانديو ۽ ڊاڪٽر ڪشف مصطفي ميمڻ ڪير ۽ نئين چونڊيل بادي صدر ايم ظفر تڪر جنرل سيڪريٽر امتياز علي سومرو جوائنٽ سيڪريٽري ضمير حسين لنڊ سينئر نائب صدر علي اڪبر چانديو نائب صدر ضمير حسين وسڻڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سنڌ پريس ڪلب راڻيپور جي صحافي ظفر چوهاڻ جي سالگرهہ تقريب منعقد

مهمان خاص سنڌي پريس ڪلب راڻيپور جو صدر آغا منظور انصاري ۽ پين پاران شرڪت

صحافي وحيد اسد الله جامڙو حيدر علي عمراڻي ، سنڌ پريس ڪلب جو صدر گلڻ جامڙو هٿا

مقصد صرف تفريح ناهي پر هر ماڻهون کي پنهنجي زندگي جو احتساب ڪرڻ آهي: آصف علي شاه

راڻيپور (رپورٽ) سنڌ پريس ڪلب راڻيپور جي صحافي ظفر چوهاڻ جي سالگرهہ تقريب سياسي سماجي اڳواڻ سيد آصف علي شاه جيلاني جي صدارت ۾ منعقد ڪئي وئي مهمان خاص سنڌي پريس ڪلب راڻيپور جو صدر آغا منظور انصاري ، صحافي اتحاد جو اڳواڻ سينئر صحافي وحيد سولنگي ، اسد الله جامڙو حيدر علي عمراڻي ، سنڌ پريس ڪلب جو صدر گلڻ جامڙو هٿا سالگرهہ تقريب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

راڻيپور: سنڌ پريس ڪلب جي صحافي ظفر چوهاڻ جي سالگرهہ تقريب منعقد

ڪنڊيارو شهر جي خانگي اسڪول ۾ سائنسي نمائش، پروگرام شاگردن جي شرڪت

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو شهر جي خانگي اسڪول ۾ سائنسي نمائش پروگرام شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران ناهيل سائنسي شين جا پروجيڪٽ نماءَ لاءِ پيش پوزيشن ماڻيندڙن ۾ انعام تقسيم ڪيا ويا خبر موجب ڪنڊيارو شهر جي خانگي برائيٽ پبلڪ اسڪول ۾ سائنس ايگزيبيشن پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ملير ميڊيا سينٽر جون چونڊون ، سال 2023 لاءِ زوهيب زرداري صدر چونڊجي ويو

چونڊن ۾ جنرل سيڪريٽري حق نواز سومرو ۽ خزانچي تي عبدالواحيد بليدي چونڊيا ويا

محمد سليم جتوئي نائب صدر ، جوائنٽ سيڪريٽري جي سيٽ تي فيروز ڪيريو ڪامياب

گلزار علي جسڪاڻي، راڻا شفيع، عبدالصمد ڪليري، عبدالحمد ڪليري ۽ ٻيا چونڊيا ويا

ڪراچي (باغي ساگر پنهوار) ملير ميڊيا سينٽر جون چونڊون ٿي گذريون سال 2023 لاءِ صدر زوهيب زرداري، جنرل سيڪريٽري حق نواز سومرو ۽ خزانچي ني عبدالواحيد بليدي چونڊيا ويا، ميڊيا سينٽر ڪراچي جون چونڊون ٿي گذريون مونکي اميد آهي تہ منهنجي ٽيم هميشہ غريب مظلوم ماڻهن جي آواز کي اعلي ايوانن تائين پهچائيندي زوهيب زرداري تفصيل موجب ملير سال 2023 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، ڊهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پٽري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر:
اعجاز مهر

اڱارو 07 فيبروري 2023ع

جرم ۽ قوتو جيئن

اعجاز منگي

"ڪيرواري ڏندن سان
جبل ٽڪئ هليو آن
اي احمڻ! چا خواب ڏسڻ لاءِ
رات ڪافي ناهي؟"

اوپر يورپ جي حسين شاعر جا ذهين ٻول ان مهل ذهن ۾ ٻري اٿيا. جڏهن تحريڪ انصاف جي آگواڻ پنهنجي منٿن ميارن واري تقرير کان پوءِ اهو اعلان ڪيو ته "هاڻي ڪارڪن جيل پريو تحريڪ جي تياري ڪن"

عمران خان جيڪڏهن پنهنجا غبارن جهڙا پريل جلسا ڏسي سمجهي ٿو ته هن جي سڌ تي زنجيرن جا چٽڪاٽ ٻڌندا ۽ قيدخانن مان پي تي آءِ جا ترانا گونجندا محسوس ٻڌندا ته اهو هن جي دماغ جو دوکو آهي.

عمران خان کي سمجهڻ گهرجي ته جلسو جلسو آهي ۽ جيل جيل آهي. جلسي ۾ وڃڻ جهنڊو جهلائڻ. ٽينگ ٽپا ڏيڻ. ميديا تي اچڻ. سيلفيون ٺاهڻ ۽ هوڪارا ڪرڻ کان پوءِ موتي گهراڇڻ ۽ سوشل ميڊيا جي ڪوب ۾ طوفان پيدا ڪرڻ الڳ آهي. جڏهن وردي‌ءِ وارن جي هٿن ۾ پنهنجا هٿ ڏيڻ نازڪ ويڙهن ۾ هٿڪڙيون وجهرائڻ. گهلجي قيدين واري گاڏي‌ءِ جي سخت سيٽ تي ويهڻ. جيل جي ماڙي‌ءِ مان گذرڻ. جيل جي فرش تي ويهڻ. سامهون سيخون ڏسڻ ۽ پوليس جي مخصوص مهماني‌ءِ کان ڀڄڻ ۽ رات ديرِ تائين عجيب غريب آواز ٻڌڻ ۽ صبح تائين ننڊ نه اچڻ. هڪ مهيني جيان هڪ ڏينهن جو گذرڻ. وري ساڳيا منحوس پاڇا ڏسڻ ۽ ساڳيون رديون. ساڳيون شيخون ۽ بدبودار باٿ روم ۽ ٺڏا پاڻي! ان ڪيفيت ۾ گهر جا سڪ ياد اچڻ. بار بار پنهنجي موبائل فون کي مس ڪرڻ ۽ ڪنهن ڪنهن کي ياد ڪري روڻ!!

۽ ان کان به گهٽ ڪجهه وڌيڪ هوندو آهي. جيل! جيل جلسو ناهي. جيل جيل آهي جيل ويل آهي. جيل جو تصور الڳ آهي. جيل جي حقيقت ٻي شيءِ هوندي آهي. جيلن ۾ صرف سخت جان انسان ئي جالي سگهن ٿا. جيل فقط هڪ جاءِ نه هوندو آهي. جيل هڪ حالت هوندي آهي. جيل هڪ ڪيفيت هوندو آهي. جيلن ۾ يا ته تمام ڪنور ڪرمنل سڪون سان سمهي سگهندا يا انتهائي ڪميٽيڊ ۽ بيحد نظرياتي سياسي دماغ ۽ اهي دليون جيڪي تاريخ جي ردم تي پنهنجي عوام جي دلين سان گڏ ڌڙڪندڙ آهن.

جيلن ۾ لکيل ڊائرين يا جيلن جي حوالي سان تحرير ٽيل ڪتابن کي پڙهندي اها پروڙ پوي ٿي ته جيل ۽ قيدي‌ءِ جي رڄ ۾ هڪ عجيب رشتو هوندو آهي. جيل پنهنجي سموري وحشت ۽ دهشت سان قيدي‌ءِ کي قابو ڪري هن جي اندر ۾ موجود انسان کي فتح ڪري. هن کي مغلوب ٻڌائي. هن کي پنهنجو غلام ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ قيدي جيل کي پنهنجي جذبي سان شڪست ڏيڻ جي داخلي جدوجهد ڪندو آهي.

عمران خان جي پارٽي نه ته ڪميونسٽ پارٽي آهي ۽ نه وري انڊين نيشنل ڪانگريس آهي. اها ته ذوالفقار علي ڀٽو جي حياتي‌ءِ واري پيپلز پارٽي به ناهي. جنهن ۾ جيالا جيلن سان جهيڙا ڪندا رهندا هئا. هڪ اڌ هفتي يا ٻن چئن ڏينهن جو سرڪاري مهمان ٿي پاڻ کي نيلسن منديلا سڏائڻ ايٽن آهي. جيئن شيخ اياز لکيو آهي ته "جڏهن ماکوڙو پنهنجي راهه تي ويندو آهي ته هو پاڻ کي سڪندر ڪان وڏو فاتح سمجهندو آهي"

عمران خان. عمران خان آهي. هو ڪو پاڪستاني ڪانڊي ناهي. هو پاڻ ئي جيلن ۾ جالي نه ٿو سگهي ته هن جا ڪارڪن قيدخانن جا فاتح ڪيئن ٿا ٿي سگهن. عمران خان جي حوالي سان هن جا جذباتي پرستار ڪجهه به سوچي سگهن ٿا. چو ته سوچڻ جي سلسلي ۾ ڪنهن کي به حقيقت جو پابند بڻائي نه ٿو سگهجي. ڪنهن جا ڪهڙا به سپنا ٿي سگهن ٿا ۽ ڪوئي ڪهڙيون به فينٽسيز (Fantasies)جي مهڪيل ماحول ۾ رهي سگهي ٿو. پر عمران خان هڪ عملي ماڻهو آهي. هن کي معلوم آهي ته هن جا ڪارڪن پٽ جا ڳڏا آهن. اهي ريشمي راحتن جا پالیل ماڻهو آهن. هو انگريزي‌ءِ ۾ اسٽيبلشمينٽ خلاف وڏا بيان ڏئي سگهن ٿا. هو پشتو ۾ عمران خان جا گيت ڳائي سگهن ٿا. هو نچي سگهن ٿا. هو ڪڏي سگهن ٿا. هو پوري رات جاڳي ۽ جاڳائي سگهن ٿا. پر هو جيلن ۾ جالي نه ٿا سگهن. جيل هڪ ڪنور ۽ سخت سجائي‌ءِ جو نالو آهي. جيلن ۾ وڃڻ جو اعلان ڪرڻ ۽ جيلن ۾ ڪجهه پل گذارڻ ۾ الڪ تجربا آهن. اهو ئي سبب آهي ته باهر ۽ طوفان پري تقرير ڪندڙ ۽ خون جو نديون وهائڻ جون هامون هٿندڙ شيخ رشيد جڏهن به ڏينهن سرڪاري مهمان رهيو ته هو ميل جي هانگي مان برسات ۾ ڀڳل جهرڪي بڻجي ويو ساڳيو حال اسان کي فواد چوڌري‌ءِ جو به نظر آيو ۽ شهباز گل ته گهوڙا گهوڙا ڪري پاڻ کي چڏائڻ لاءِ درامن تي دراما ڪندو رهيو. جڏهن عمران خان جا ڪنڊار ڪرڻين وانگر لڇندا هجن ته انهن کارڪنن جو چا ٿيندو؟ جيڪي ڪڏهن ڪنهن دوست ۽ مٽ مائٽ سان ملاقات ڪرڻ لاءِ به جيل نه ويا آهن. جن جيلن کي صرف نيٽ فلڪس (Netflix)جي شوز ۾ ڏٺو آهي. انهن کي چا معلوم ته جيل جهنڊ کان وڌيڪ هوندو آهي. انهن کي ڪهڙي ڪل ته زنجير صرف جسمن کي نه وقت جي وجود کي به ويڙهي ويندا آهن. جيلن ۾ وقت بيهجي ويندو آهي. وقت جو بيهجي وڃڻ هڪ ذهني اذيت جو نالو آهي.

عمران خان کجهه نه مان گهٽو ڪجهه حاصل ڪندڙ پاڪستان جو غيرمعمولي سياسي اڳواڻ ثابت ٿيو آهي. هڪ اهڙو شخص جنهن جو سياست سان ڪو رشتو ناتو نه هجي. جنهن جو ڪنهن به سياسي پارٽي‌ءِ سان ڪو تعلق نه هجي. جنهن زندگي‌ءِ ۾ ڪا تقرير ته ڇا پر ڪو سياسي نعرو به نه هنيو هجي. اهو شخص هڪ سياسي پارٽي ناهي ۽ اها سياسي پارٽي ملڪ جي سڀ کان وڏي سياسي پارٽي بڻجي وڃي. اهو ڪر نه پر اهو ڪارنامو آهي. عمران خان جي ان حاصلات نه مڃڻ حقيقت کان منهن ڦيرائڻ جي مترادف هوندو. عمران خان جيڪا نئين قسم جي رونشائي ڪڏي سياست متعارف ڪرائي. هاڻي هر پارٽي هن جي سياسي ڪلچر کي عملي طور تي قبول ڪري ٿي. ان حد تائين جو جماعت اسلامي به عمران خان جي رونشائي سياست جا گر استعمال ڪرڻ ۾ عيب نه ٿي سمجهي. عمران خان جو صرف اهو ڪارنامو ناهي ته هن سياسي جلسن ۾ پنهنجي تعريف وارا گيت متعارف ڪرايا ۽ هن ڊي جي بٽ کي هڪ ڪامياب روزگار سان لڳايو. هن جو اهو ڪارنامو به وڏو ناهي ته هن سياسي جلسن جي ميوزڪ ڪنسرٽس جو روپ ڏنو پر هن جو اهو وڏو ڪارنامو آهي ته پاڪستان جي تمام گهڻين عورتن کي سياست ۾ سرگرم ڪيو. عمران خان کان اڳ ۾ ڪنهن به پارٽي‌ءِ ايتري تعداد ۾ عورتن کي سياسي طور تي سرگرم نه ڪيو. خاص طور تي اهي عورتون جن جو سياست سان ڪو رشتو ناتو نه هجي. اهي عورتون جيڪي مڊل ڪلاس جي به بنهه پيٽي بورجوا طبقي سان تعلق رکنديون هيون. انهن ۾ سياسي سرت پيدا ڪرڻ ۽ انهن ۾ سياسي اظهار جو آرٽ اپارڻ بنهه انوکو ڪم هو ۽ هن جو هيبو ڪارنامو اهو آهي ته هن برگر ڪلاس جي نوجوانن تي پاڪستان جي سياست جو بار رکيو ۽ هو ڪٿي به ويا. اهڙن نازڪ ۽ نخريلن ماڻهن مان سياسي سگهه ٺاهڻ تي عمران خان کي عالمي انعام سان ته نوازي سگهجي ٿو پر هن جي ان دعويٰ کي قبول ڪري نه ٿو سگهجي ته هو پنهنجي پارٽي‌ءِ کان "جيل پريو تحريڪ" هلرائيندو ۽ هن ملڪ جي جيلن جو اهو حشر ٽيندو. جهڙو حشر آمرضياءَ جي دور ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ دوران ٽيو هو.

ايم آر ڊي‌ءِ جو نئون جنم نه صرف مشڪل آهي پر عمران خان جي صورت ۾ ته اهو بنهه ناممڪن آهي. پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ صرف هڪ تحريڪ اهڙي هئي. جن ۾ جيل ڪٽي ويا هٿا ۽ قيدي وڌي ويا هٿا. اها تحريڪ ايم آر ڊي‌ءِ واري هئي ۽ اهو به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ايم آر ڊي‌ءِ جي تحريڪ صرف پيپلز پارٽي‌ءِ جي مرهون منت نه هئي. پيپلز پارٽي ايم آر ڊي‌ءِ جي مهڙ واري جماعت ضرور هئي پر ان تحريڪ ۾ اصل روح ڪابي ذرجي انهن پارٽين جو هو. جيڪي پيپلز پارٽي‌ءِ کي هڪ طرح سان سياسي عمل ۾ ڪنپي ڪٽي ويا هٿا. پيپلز پارٽي‌ءِ جي قيادت ته ايم آر ڊي جي تحريڪ جو اعلان ڪري واپسي‌ءِ جي واٽ وٽڻ جا جتن ڪري رهي هئي. اها ٻي ڳالهه هئي ته ايم آر ڊي ۾ جنرل ضياءَ جو جيڪو بدبودار آمر وارو وجود هو. ان جي جبر خلاف ماڻهن ۾ جيڪا ڪاوڙ هئي. اها ٻي قابو ٻڌجي وئي. ايم آر ڊي عوامي طوفان جو نالو هئي. اها ايم آر ڊي هئي. جنهن ۾ جيل نظرياتي ۽ علمي سياست جا ادارا ٻڌجي ويا هٿا.

انگريزي‌ءِ ۾ چوندا آهن ته "اڪيلو هنج بسنت جي رت پيدا ڪري نه ٿو سگهي" عمران خان ته سياست جي چڙيا گهر جو هنس به ناهي. هو ته هٽ جي پالیل اها بلبل آهي. جنهن کي ريشمي ڏوري ۽ چهنب ۾ ملهه مائو گهرجي. عمران خان ۽ هن جي پارٽي جيل پريو تحريڪ جي هڪ سٽ به سهي نه ٿي سگهي. چو ته هن ۾ اها سگهه ئي ناهي. هي‌ءِ پارٽي ان مٽي‌ءِ مان جڙي ئي ناهي. جنهن ۾ اهڙي مٽيا هجي.

تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهو به ٽيو آهي ته جيڪو ڪردار ڪوئي ادا نه ڪرڻ چاهيندو آهي. تڏهن به تاريخ جون سرڪش حالتون هن کي ان ڪردار ادا ڪرڻ جي راهه تي وٺي ايندين آهن صرف ان هڪ امڪان کي اڪ ۾ رکي جيڪڏهن هڪ پل جي لاءِ سوچجي ته عمران خان جيل پريو تحريڪ هلائڻ جو ايڊونچر (Adventure) ڪري ٿو ته هن کي اها غلطي، سان اهو صحيح ڪم ضرور ڪرڻ ڪيو. ان سان هڪ ته ملڪي سياست ۾ ڪجهه عملي سنجيدگي، جا آثار پيدا ٿيندا ۽ ٻيو ته بار بار پنهنجي پارٽي‌ءِ کي ملڪ جي سڀ کان وڏي پارٽي چوندڙ عمران خان جي مٿان اها حقيقت به عيان ٿئي ته "معيار" ۽ "مقدار" جي رڄ ۾ ڪهڙو فرق هوندو آهي. عمران خان وٽ مقدار جي حوالي سان سياسي سگهه آهي پر ان مقدر ۾ اهو معيار ناهي. جيڪو سياست جي راهه جون سختيون سهي سگهي.

عمران خان هن مهل تائين هڪ مخصوص جرڙوٽي ۾ جاليو آهي. ان پاٽي‌ءِ جي ڦوٽي ۾ رهي ڪوئي ڪهڙي به فينتسي سوچي سگهي ٿو. عمران خان جو جيل پريو تحريڪ وارو اعلان هن جي هڪ اهڙي فينتسي آهي. جيڪا جرڙوٽي ۾ رهندڙ شخص ايئن سوچي سگهي ٿو، جيئن آفيسر واهرينڊ انگريزي هولي‌ءِ جي عظيم شاعر ڪالرج پنهنجي جڳ مشهور نظم "ڪرستابيل" ۾ سوچيو هو.

بقايا
***

سنڌ جي تاريخي ماڳ مڪانن کي بچايو وڃي

خاصخيلي لطيف راولاڻي

سنڌ معدني زرعي قدرتي وسيلن کان علاوه تاريخي ماڳ مڪانن سان به مالا مال آهي پر ان طرف ڪوبه ڏيان ڪونه ٿو ڏنو وڃي دنيا جي تاريخ پڙهڻ کان پوءِ خبر پوي ٿي ته دنيا جي تمام گهڻن ملڪن جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ آمدني جو ذريعو ثقافت ۽ سياحت جي ماڳ مڪانن تي هوندو آهي ان مان ايتري آمدني ٽيندي آهي جو پوري ملڪ جو معاشي مسئلو حل ٿي ويندو آهي ۽ ان ملڪ جا ماڻهو ۽ انتي جي سرڪار خوشحال هوندي آهي انهن ملڪن ۾ تاريخي ماڳ مڪانن جي حفاظت ڪئي ويندي آهي ۽ لڳاتار حڪومتي مشينري انهن کي سنڀالڻ ۽ ڪوجا جي چڪر ۾ سرگردان هوندي آهي ان سان تاريخي ماڳن جي حيثيت به وڌي ويندي آهي ۽ انهن جي مڪمل حفاظت به ٽيندي آهي سنڌ سموري تاريخي ماڳ مڪانن سان پري پئي آهي پر انهن جي مرمت نه ٽيڻ ڪري سڀ تباه و برباد ٿي رهيا آهن پراڻن تاريخي قلعن ٿي ناجائز قبضا ختر نه ٿي سگهيا آهن جن ماڳن تي قبضا نه آهن ته انهن تاريخي عمارتن جون ديوارون ڪري رهيون آهن انهن کي هٽ سان تباه و برباد ڪيو پيو وڃي ادارا به ٽهيل آهن جن جي ذميواري آهي ته قديم عمارتن ۽ تاريخي ماڳن کي بچايو وڃي پر انهي ڏس ۾ اهو ڪم نه ڪري سگهيا آهن سنڌ ۾ اهڙا تمام گهڻا تاريخي ماڳ آهن جن جي ادارن کي خبر ئي ڪونهي ته اهي تاريخي ماڳ ڪٿي آهن ۽ ڪهڙي حالت ۾ آهن انهن جي مالڪي ڪونه ٿي ڪئي وڃي ۽ اهي لاوارثي جي حالت ۾ تباه وبرباد ٿي رهيا آهن اسان جا هي تاريخي ماڳ مڪان بچي سگهن انهن سان اسان جي بقا جو به سوال آهي ڪٿي ائين نه ٿئي جو تاريخ عمارتن سان گڏ اسان جي به تاريخ لکي وڃي ته دنيا جي گولي ٿي سنڌي به قوم هئي جنهن جو شاندار ماضي هو

اسان پنهنجي قديمي ورثي کي بچائڻ ۾ ناڪام ويا آهيون جيڪي باقي رهيل آهن ته انهن کي ته بچايو وڃي انهي ڏس ۾ به ڪي پاليسيون مرتب ڪونه ٽيون ڪيون وڃن انهن کي ڪٿين بچايو وڃي اسان وٽ اهڙا به تاريخي ماڳ آهن جيڪي ادارن کان علاوه عام ماڻهو به ان کان اڻڄاڻ آهي ته اهي تاريخي ماڳ ڪٿي آهن ۽ ڪهڙي حالتن ۾ آهن ڪڏاڪ جي علاقتي ۾ قديم ماڳ موجود آهي جتي قلعي جا نشان ۽ پراڻيون قبرون آهن ضلع ٺٽي جي سمورن تعلقن ۾ گهر نام تاريخي ماڳ موجود آهن جن جي نشاندهي به ڪئي وئي آهي پر انهي ڏس ۾ ڪوبه ڏيان ڪونه ويو آهي ضلع بدين ۾ به تاريخي ماڳ آهن اهڙي ريت سڄي سنڌ ۾ تمام گهڻا ماڳ ظاهر ٿيا آهن چانهوجي درڙي جي ڪوٽائي ڪري ان کي بچايو ڪونه ويو جيڪو هاڻي پيهر تباهي جي طرف رڄي رهيو آهي ڪير مالڪي ڪندو ڪير انهن تاريخي ماڳن کي بچائيندو جنهن سان اسان جو شاندار ماضي عيان آهي جنهن سان اسان جي پنج هزار سالن کان وڌيڪ سڃاڻپ آهي جيڪو اسان جو قيمتي خزانو آهي اهو ڏينهون ڏينهن تباه ٿي رهيو آهي وڌا وڌا ٽيندڙ سيمينار جلسا جلوس ڊرٽا پروگرام چا انهن تاريخي ماڳن کي بچائي سگهندا ؟ چا اسين دنيا ۾ هڪ خوشحال قوم ٿي ڏس ۾ اهو ڪم نه ڪري سگهيا آهن سنڌ ۾ اهڙا تمام گهڻا تاريخي ماڳ آهن جن جي ادارن کي خبر ئي ڪونهي ته اهي تاريخي ماڳ ڪٿي آهن ۽ ڪهڙي حالت ۾ آهن انهن جي مالڪي ڪونه ٿي ڪئي وڃي ۽ اهي لاوارثي جي حالت ۾ تباه وبرباد ٿي رهيا آهن سنڌ ۾ هڪ ڪونه ٿي ڪئي وڃي ۽ اهي لاوارثي جي حالت ۾ تباه وبرباد ٿي رهيا آهن اسان تمام گهڻا اهڙا تاريخي ماڳ آهن جيڪي مڪمل طور تي ختم ٿي چڪا آهن صرف ڪاغذي ڪاروائي ۾ يا وري پراڻن تاريخي ڪتابن ۾ انهن جو ذڪر ملندو باقي ان هنڌ تي نيون عمارتون ٺهي ويون آهن انهن جا نشان بالڪل متڃي چڪا آهن

بقايا
***

پتنگ چائِين پاڻ کي، تہ اَچي آڳِ اُجهاءِ
پَڇَڻَ گهٽا پَچائِيا، تون پَڇَڻَ کي پَچاءِ
واقُف ٿِي وِساءِ، آڳِ نہ ڏِجي عامَ کي.

اتي لپ لاءِ خودڪشي ڪرڻ تي مجبور

حالت اتي اچي پهتي آهي جو اتي لپ وٽڻ جيترا پئسا نه هئڻ ڪري ماڻهو خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن.روزگار نه لڳڻ ڪري ماڻهو پنهنجي حياتي تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي.ايڏا به حالتون انسان کي ڪيڏانهن وٺي وڃن ان جو ڪو اندازو نه ٽوڙگهائي سگهجي چاڪاڻ ته ريجهڙ ۾ ڪي معاشي بهتري جا آثار نظر اچن ان جو پري پري تائين ڪو امڪان ڪونهي. ايڏا به حالتون خرابي طرف ويندي نظر اچي رهيون آهن جن لاءِ حڪومت پاڻ بنياد مهيا ڪري رهي آهي ۽ آءِ ايم ايف جا شرط مڃي وڌيڪ مهانگائي ڪرڻ، عوام تي ٽيڪسن جو بار وڌهڻ جي حامي پري رهي آهي. انهي ڪانپوءِ عام ماڻهو جو گذارو ڪيئن ٽيندو اهو سوچي ئي هنيان‌ءِ ۾ هٿ ٽا پون. چاڪاڻ ته هنن حالتن ۾ ئي جڏهن بک،بيروزگاري سبب خودڪشي جون خبرون عام آهن ته وڌيڪ مهانگائي ۽ بيروزگاري ڪانپوءِ چا ٽيندو ؟

روزاني "پنهنجي اخبار" ۾ پهرين صفحي تي به خبرون گڏ ڇپيل آهن، هڪڙي خبر راجوخانائٽي جي آهي ته بي خبر ڪڙيو گهنور جي آهي ٻئي خودڪشي جون خبرون آهن پر انهن جو بنياد اها مهانگائي ۽ بيروزگاري آهي جنهن مان مايوس ٿي انهن ٻن پورهيتن خودڪش ڪئي. ڪڙيو گهنور جي خبر آهي ته وارڊ نمبر 5 جي رهواسي 45 ورهين جي احمد عرف ڪانڍو پهنور مبينا طور بک بدحالي ۽ بيروزگاري کان تنگ ٿي وٺ ۾ رسو ٻڌي آپگهات ڪري ڇڏيو. آپگهات ڪندڙ ڦٽو رکشا هلائيندڙهو. بيروزگاري ۽ قرضين کان تنگ هو. جڏهن ته سندس پاڻ اڪبر جو چوٿ آهي ته پاڻ ڪافي وقت کان پريشان هو. هن کي قرضين ڏاڍو تنگ ڪري ڇڏيو هو. هن قرضين کان تنگ اچي آپگهات ڪيو آهي. انهي خبر ۾ جاڻايو ويو آهي ته علاقتي ۾ هڪ هفتي دوران، 3 ڇٽن بک ۽ بيروزگاري سبب خودڪشي جي ڪوشش ڪئي. جن مان 2 ڇٽا زندگي جي جنگ هارائي ويا ، ۽ هڪ ڇٽي جي زندگي بچائي ويئي، سڀني جو ڪارڻ بک ۽ بيروزگاري ٻڌايو ويو. هوڏانهن راجوخانائٽي پرسان ڳوٺ چترو ڪولهي جي 35 سالن جي پورهيت ٻن ٻارن جي پي لوجي بجاڻو پٽ ڏيرو بجاڻو ٻنهنجي گهرن پرسان ڪمند جي فصل ۾ ٻيئل وٺ ۾ رسو ٻڌي قاسي ڪائي آپگهات ڪري ڇڏيو. سندس مائٽن لاش تنگيل ڏسي راجوخانائٽي پوليس کي اطلاع ڏنو. جنهن پهچي لاش راجوخانائٽي اسپتال پهچايو. وارثن اسپتال ٻاهران ٽائيم نيوز سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته گهر ۾ اٽو ڪونه هو سجو ڏينهن مزدوري ڪرڻ کانپوءِ به به ٽي سؤ مس ملندا هئا سندس زال ۽ ماءُ کيس گهر جو وکر وڻي اچڻ چيو پر پئسا نه هئڻ ڪري هن آپگهات ڪري ڇڏيو آهي. هي به خودڪشين جا واقعا ۽ انهي کان اڳ ۾ ٽيل اهڙا واقعا سان جي حالتن جو اولڙو آهن جن کي اچلڪهه پورهيت ۽ مزدور منهن ڏئي رهيا آهن ته مهانگائي ،بيروزگاري ۽ بک ماڻهن کي کهڙين حالتن ۾ پهچايو آهي جتي هو پنهنجي ٻچن ۽ خاندان جي بک واري تڪليف ڏسي نه ٿا سگهن ۽ پنهنجي حياتي تان هٿ کڻڻ سولو ٽو لڳي. جڏهن ته حڪومت انهن حالتن کي سڌارڻ بدران وڌيڪ عالمي ادارن جي شرط تي اهڙن ماڻهن تي وڌيڪ بار وجهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جيڪي بک جو بار ئي برداشت نه ٿا ڪري سگهن. حڪومت آءِ ايم ايف جي شرطن تي وڌيڪ 300 ارب روپين جو ٽيڪس اوڳاڻڻ لاءِ مني بجيٽ آڻڻ جي تياري ۾ آهي جنهن سان مهانگائي جو اڇوٽو طوفان ايندو جيڪو اهڙين خودڪشين ۾ واڌ جو سبب بڻبو.

اسان سمجهون ٿا ته مهانگائي ۽ بيروزگاري ماڻهن جي جيئڻ جا سڀ رستا بند ڪري رهي آهي ۽ حڪومت وري عوام جو پرچهلو ٽيڙ بدران انهن جي راهن ۾ وڌيڪ ڪنڊا پوکي رهي آهي. عوام ته هاڻي انهن حالتن تي اچي پهتي آهي جو انهي حڪومت مان ڪنهن چگائي يا بهتري جي اميد رکڻ ئي ڇڏي ڏني آهي. چاڪاڻ ته هاڻي ماڻهو ٻيو سڀ ڪجهه سهائي ويٺا آهن بس چاهين ٿا ته ڪين ۽ انهن جي ٻچن لاءِ ٻن ويلن تي رکي ماني جا ٻه گرهه ملن ته به اها غنيمت پائيندا. چاڪاڻ ته مٽيان به واقعا ٻڌائي رهيا آهن ته ماڻهن لاءِ انتي لپ وٽڻ به ڪيڏو مشڪل ٿي ويو آهي ته حياتي جهڙي شيءَ قربان ڪرڻ ايڏي سولي ناهي.

بقايا
***

طنز ڪندي مريم نواز چيو ته اسان انتظار ڪري رهيا آهيون ته هو جيل پرين ۽ شروعات زمان پارڪ کان ڪن. هن عوڻن کي آڏو ڪري ڇڏيو آهي. پاڻ سامهون اچي، قانون پنهنجو رستو اختيار ڪندو، جيڪي ڏوهه ڪيا آهن انهن جي سزا پوگڻي پوندي. هن چيو ته اسان کي احساس آهي ته ملڪ ڏکيائين ڪنهن جي ڪري آهن، مهانگائي ڳهڻائڻ. اڳهه ڪنٽرول ڪرڻ صوبي جو ڪم آهي، پنجاب، ڪي پي ۽ آزاد ڪشمير به تحريڪ انصاف وٽ رهيا هو سڄو ملڪ ٻوڏ ۾ ٻڏل هو هزار ست سؤ ڏهه عمارتون ڊهي پٽ ٿي ويون آهن. ترڪ اختيارين چوڻ آهي ته متاثر علاقن ۾ به هزار 786 امدادي ٽيمون امدادي سرگرمين ۾ رڌل آهن. پٽي پاسي زلزلي شار ۾ به تباهي مجائي آهي جتي عمارتون ڪرڻ سبب 386 کان وڌيڪ ماڻهو فوت جڏهن ته ڇهه سؤ کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن. شامي اختيارين موجب زلزلي ۾ لاڙڻا شام جي صوبن، حما، حلب ۽ لاذقيه ۾ محسوس ڪيا ويا، جڏهن ته فوتين جي انگ ۾ واڌ جو خدشو آهي.

بقايا
***

هن ڳوڙي ۾ پاڪستان پنهنجن ترڪ پائرن ۽ عوام سان گڏ آهي، زلزلي جي تباهي کي منهن ڏيڻ ۾ ترڪيه جي سرڪار ۽ عوام سان پورپور سهڪار ڪنداسين. هن چيو ته موسمياتي تبديلين جي ڪري وڌي رهي آهي، قدرتي آفتن ۽ موسمياتي تباهي ڪنهن سرحد ۽ مخصوص قور تائين محدود ناهي. وزيراعظر زلزلي ۾ فوت ٿيندڙ ماڻهن جي مغفرت ۽ سندن پوئيڙن لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي. ترڪيه جي صدر رجب طيب اردگان ٽيليفون ۾ حمايت ڪرڻ تي وزيراعظر شهباز شريف ڪا ٽورا مجيندي چيو ته آهان جي ۽ پاڪستان عوامي جي جذبن جو قدر ڪيان ٿو. ياد رهي ۾ ترڪيه ۾ شام ۽ اڃ صبح آيل زلزلي جي نتيجي ۾ 16 کان وڌيڪ ماڻهو فوت جڏهن ته هزارين زخمي ٿي پيا آهن.

بقايا
***

پي پي جي ڪنوينر ۽ وفاقي وزير ايياز صادق چيو ته پرويز خٽڪ، اسد قيصر ۽ اعجاز شاهه سان ملاقات ڪري ڪين اي پي سي دعوت ڏني ۽ ڪين چيو ته اهو دعوت نامو عمران خان تائين به پهچايو. هن چيو ته ڪنهن کي به لکت ۾ دعوت نامو ناهي مرڪليو. فون ڪيا يا ملاقات ڪري اي پي سي ۾ شرڪت لاءِ چيو.

بقايا
***

احمد ۽ محمد مصطفيٰ ڪي موت جي سزا ٻڌائي سعيد احمد، شڪيل احمد ۽ مدثر ڪي عمر قيد جي سزا ٻڌائي وئي. هڪ هڪ لک روپين جو ڏنڊ به لڳايو ويو ياد رهي ته جنوري 2021 ۾ نوجوان اسامه ستي کي اسلام آباد ۾ رات ڊيڏ ڪچي اي ٽي ايس جي اهلڪارن پاران فائرنگ ڪري قتل ڪيو ويو هو

بقايا
***

جاويد اوڊو رپورٽ پيش ڪئي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته شهر ۾ گذريل 24 ڪلاڪن ۾ اسٽريٽ ڪرائم جا 120 واقعا رپورٽ ٿيا جن ۾ 32 موبائيل/نقدي چوري، 8 ڪار چوريون، 8 موٽرسائيڪل ڦرڻ 72 موٽرسائيڪلون چوريون شامل آهن. وڏي وزير ڪي ٻڌايو ته گذريل 24 ڪلاڪن ۾ پوليس ۽ ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا جڏهن ته 10 اسٽريٽ ڪرمنلز/چور واقعي واري هنڌان سوگهيا ڪيا ويا. رپورٽ ۾ جاڻايو ويو آهي ته ٽوٽل 120 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جن ۾ 19 اسٽريٽ ڪرمنل/ فورو، 23 ڪار لفٽر، 5 قاتل، 23 غير قانوني هٿيار رکندڙ، 10 منشيات وڪرو ڪندڙ جڏهن ته ٻين ڏوهن ۾ ملوث 40 ڇٽن کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ 72 موٽرسائيڪلون چوريون ٿيڻ جو ڪيس درج ٿيو آهي. آپريشن دوران 58.7 ارب روپيا جاري ڪيا ويا جن ۾ رليف ۽ بحالي لاءِ 27648.452 ملين روپيا شامل آهن. چوٿاين مالي سال جي فصل 23_2022 ۾ هارين کي رعايت جي مد ۾ 8390 ملين روپيا شامل آهن. چوٿائي مالي سال جي گاهه لاءِ 1000 ملين روپيا. آبپاشي جي ڪمن لاءِ 14150.3 ملين روپيا، سروي يا ڊيمز ۽ لاڳاپيل ڪمن لاءِ 3628.63 ملين روپيا. ڪي ايم سي ۽ ڊي ايم سيز لاءِ 3925.952 ملين روپيا. بسن جي رستن ۽ ٻين ڪمن سميت دوائن جي خريداري لاءِ 985.405 ملين روپيا شامل آهن. وڏي وزير زراعت بابت صلاحڪار کي هدايت ڪئي ته هو وفاق سان رابطو ڪري جنهن ربيع جي فصلن ته هارين کي رعايت لاءِ 8.39 ارب روپيا ڏنا آهن ته جيئن ان ڪي بي آءِ ايس پي پروگرام ذريعي وقت تي ورهائي سگهجي. ڪابينا رليف ۽ بحالي لاءِ 25.036 ارب روپيا جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني. ڊوميسائيل وارو معاملو: ڪابينا پوليس ڪاتي ۽ تازين پرتين بابت جعلي ڊوميسائل جو معاملو اڌاريو جنهن خلاف ڪجهه شڪايتون مليون. وڏي وزير چيو ته پرتين خاص ميرٽ تي مقامي ماڻهن لاءِ ڪيون ويون آهن. وڏي وزير چيف سيڪريٽري کي هدايت ڪئي ته پوليس ڪاتي ۽ پرتي ٽيل سمورن ٽون پرتين جي ڊوميسائل جي تصديق ڪئي وڃي ته جيئن حقيقي ۽ مقامي ماڻهن کي پرتي ڪري سگهجي. آر آر ايف ۽ ڪرائڊر مٽيجمينٽ يونٽ: ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته اسسٽينٽ ڪمشنر جنرل آف پوليس ريجنل ريسپانس فورس (آر آر ايف) جي واڌ ۽ ڪرائڊر مٽيجمينٽ يونٽ (سي ايم يو) جي قيام لاءِ سمري موڪلي آهي. ريجنل ريسپانس فورس (RRF)هڪ ڏهشتگرد ٽوڙ ۽ چورن خلاف فورس آهي ۽ سڄي سنڌ ۾ ڪر ڪري رهي آهي جيڪا 2009 ۾ قائم ڪئي وئي. آر آر ايف پنهنجي بنيادي ڏميوارين کان علاوه هڪڙن هنڌن جوڙيندو ۽ ان جي بحيت منظور ڪندو. ڪاپوريشن کي چٽن سالن جي مدت لاءِ KWSC بورڊ ٻاران مقرر ڪيل چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر(سي اي او) ٻاران مقرر ڪيو ويندو جنهن ۾ چيف آپريٽنگ آفيسر، چيف فنانشل آفيسر، چيف انٽرنل آڊٽ آفيسر ۽ چيف آءِ ٽي آفيسر به هوندا. ڪابينا بل اسمبليءِ ڏانهن موڪلي چڏيو حيدرآباد پريس ڪلب: ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته حيدرآباد پريس ڪلب کي گوٽ گنجو ڪر، تعلقي لطيف آباد ۽ 75 ايڪڙ زمين الاٽ ڪئي وئي آهي. ڪابينا ڪاغذي عمل کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪلب کي 1497120 روپيا گرانٽ جي منظوري ڏني. ٽائيگر اسڪيل: صوبائي ڪابينا رڳو الڳ آنسولينڊ/ غير ترقي پوسٽن لاءِ ٽائيگر اسڪيل جي بنياد تي گريڊ وڌائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. 5، 12، 19، 27 سال سروس ڪرڻ ڪانپوءِ ملازمن کي ٽائيگر اسڪ

بقايا سنڌيار 01

ڳوٺاڻا، ڳوٺاڻن جي احتجاج بعد ايڊ منسٽريٽر پهچي ڪر جوجائزو ورتو هڪ هفتي اندر ڪم شروع ٿين جي خاطري تي احتجاج ختم، تفصيل موجب، ضلعي ڪائونسل ڪراچي جي عدم دلچسپي سبب علاقن ۾ هلندڙ ترقياتي رڪاوٽن رولڙي جو شڪار ڏٺي پرتو موسي جوڪيو ڳوٺ جي ڳوٺاڻن جو بن قاسم آفيس گيٽ آڏو ڌرڻو ايڊ منسٽريٽر ۽ ٽيڪيدارن خلاف چتي نعريبازي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڳوٺاڻن وسير جوڪيو، امتياز جوڪيو، واحد علي جوڪيو مقبول جوڪيو گل جوڪيو، رياض جوڪيو ۽ ٻين چيو ته ڪينٽن ٿي سالن کان سيوريج ۽ فٽبال ڪراؤنڊ جو ڪم رولڙي جو شڪار آهي شڪايتن باوجود ٽيڪيدار ممتاز جوڪيو ۽ ايڊ منسٽريٽر نور حسن جوڪيو هڪ به ڀڏڻ لاءِ تيار ناهن هنن وڌيڪ چيو ته سيوريج ۽ فٽبال گراؤنڊ لاءِ 80 لک روپين جو ٽينڊر پاس ٿيو جيڪو بدقسمتي سان ٽيڪيدارن جي ڪريشن جي ور ڇڪي ويا آهي، ڳوٺاڻن جي احتجاج بعد ايڊ منسٽريٽر ڪراچي نور حسن جوڪيو پهچي ڳالهيون ڪري بند پيل ڪر جو جائزو ورتو هڪ هفتي اندر ڪر پيهر شروع ڪرڻ جي خاطري تي احتجاج ختم، هڪ هفتي اندر ڪم شروع نه ڪيو ويو ته پيهر بن قاسم ٽائون آفيس جو گهراءُ ڪنداسين، ڳوٺاڻن جو چيو.

بقايا سنڌيار 02

پنهنجي ٽير سان گڏ ڪارروائي ڪندي 02 جوابدارن عبدالرزاق ۽ نجيب الله کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 80 ڪلو گرام چرس برآمد ڪري ورتو پنهنجي جوابدارن جو تعلق بلوچستان جي علاقي مستونگ سان آهي، جوابدارن ٻيڙ فورٽرڪ نمبر سي 1458 مان مليو جيڪو ڪراچي اسمگل ڪري رهيا هئا. جوابدارن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي. جڏهن ته اسمگلنگ ۾ استعمال ٿيل ٽرڪ کي پڻ تحويل ۾ ورتو ويو آهي. ڪامياب ڪارروائي ڪرڻ تي ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ڪاتي جي صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا مبارڪون ڏيندي آفيسرن ۽ اهلڪارن کي هدايت ڏني ته منشيات فروشن خلاف پنهنجون ڪارروايون جاري رکيون وڃن ۽ سنڌ ۾ منشيات اسمگلنگ کي هر صورت ۾ روڪي اهڙيون ڪوششون ناڪام بڻايون وڃن.

بقايا سنڌيار 03

2 مرڪزي جوابدار عبدالحمد ولد غلام قادر بروهي ۽ نادر علي ولد رمضان بروهي کي گرفتار ڪري ورتو شروعاتي جانچ دوران ملزم غلام قادر بروهي جي قبضي مان ڳاڙهو ٽائي جي حد ۾ 1 فيبروري 2023 تي عرفان پنجابي کان ڦريل هڪ 125 بائيڪ نمبر KPO_9423ء ڏوهن ۾ استعمال ٽينڊ 1 پستل ۽ جوابدار نادر علي بروهي جي قبضي مان 19 جنوري 2023 تي اسلم سرائيڪي کان ڦريل هڪ هنڊا CD_70 موٽرسائيڪل نمبر KLO_0832، هڪ موبائيل فون ۽ ڏوهن ۾ استعمال ٽينڊ 1 رموٽر برآمد ڪئي وئي آهي انهيءَ کان علاوه گرفتار جوابدار ضلع ٺٽي ۾ مختلف وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف پڻ ڪيو آهي پنهي جوابدارن جو ڪرمنل رڪارڊ پڻ طلب ڪيو ويو جي. گرفتار جوابدارن جي خلاف ڳاڙهو ٽائي تي جدا جدا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن پوليس پاران وڌيڪ جانچ جاري آهي.

بقايا سنڌيار 04

پهرايون انهي موقعي تي اڳوڻن پاران پاڪستان يوٿ ڪائونسل کي ٺٽي سميت سموري سنڌ ۾ تنظيمي طور مظبوط ڪرڻ تي صلاح مشورا ڪيا ويا جڏهن ته ٺٽي ضلعي ۾ يوٿ ڪائونسل جي تنظيم جي جوڙ جڪ بابت گڏيل طور مڪمل تعاون ڪرڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو پاڪستان يوٿ ڪائونسل پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي اڳواڻ حاويد لطيف ميمڻ پاران سيد امجد شاه ۽ مراد ساڻي جا ٽورا مجيا ٻنهي اڳواڻن پاران پاڪستان يوٿ ڪائونسل سنڌ جي صدر اعجاز علي توناري ـ جنرل سيڪريٽري حميد راجپوت ۽ سينيئر نائب صدر حنيف راجپوت کي صوبائي عهدا ملڻ تي مبارڪباد پيش ڪندي نيڪ خواهشات جو اظهار ڪيو

بقايا سنڌيار 05

سجاولي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي صحافين اڳيان ڏاهيندي چيو ته ڪجه ٻاڦر منهنجي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري مونکي هٽان لڏائڻ لاءِ دوران ملزم غلام قادر بروهي جي حد ۾ 1 فيبروري 2023 تي عرفان پنجابي کان ڦريل هڪ 125 بائيڪ نمبر KPO_9423ء ڏوهن ۾ استعمال ٽينڊ 1 پستل ۽ جوابدار نادر علي بروهي جي قبضي مان 19 جنوري 2023 تي اسلم سرائيڪي کان ڦريل هڪ هنڊا CD_70 موٽرسائيڪل نمبر KLO_0832، هڪ موبائيل فون ۽ ڏوهن ۾ استعمال ٽينڊ 1 رموٽر برآمد ڪئي وئي آهي انهيءَ کان علاوه گرفتار جوابدار ضلع ٺٽي ۾ مختلف وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف پڻ ڪيو آهي پنهي جوابدارن جو ڪرمنل رڪارڊ پڻ طلب ڪيو ويو جي. گرفتار جوابدارن جي خلاف ڳاڙهو ٽائي تي جدا جدا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن پوليس پاران وڌيڪ جانچ جاري آهي.

بقايا سنڌيار 06

ريپ جا ملازم ڪامران هالو ۽ نوشاد درس موٽرسائيڪل تي ڏوڪاڇي رهيا ته ڪانڊڙا اسٽاپ لڳ تارُ ۾ بيلل بڻ هٽياربندن کين روڪي سخت تشدد بعد نڪين سيڊي موٽرسائيڪل، موبائيل فون ۽ نقد رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. جنهن ڪانهوءَ متاثر نوجوان ڪامران هالي، نوشاد درس ۽ فارما ايڪشن ڪميٽي سجاول لٽو جي اڳواڻن فدا حسين ڪنڀ، جي ايم ميمڻ مهتاب ڪورجن، نور ميمڻ، عمير پٽو، ونيش ڪمار، محمد علي ڪچي ۽ ٻين ٽيل ڦر خلاف سخت احتجاج ڪندي ڏوڪاڇي تي پهچي ڏوهن ۾ ملوث ڏوهارين کي ڪچهريءَ ۾ ڪاوڙ ۽ ڌڪا ڏيندي ڪاوڙ ۽ ڌڪا ڏيندي ڪچهريءَ مان ٻاهر ڪڍيو ۽ ڪار ۾ ويهاري ڪراچي روانو ٿيا.